# آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم جي

## رمضان سان محبت

16-March-2023



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

16 مارچ، 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# آقا ﷺ جي رمضان سان محبت

**هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...**

✿... رمضان جي مهيني ۾ مغفِرت جا اسباب

✿... مِصر جي هڪ شهر ۾ اِستِقبالِ رمضان جو نرالو انداز

✿... آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تراويح پڙهندا هئا

✿... ماهِ رمضان ۾ شبِ بيداري ڪيو

پيشڪش
**مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه** (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)
**ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ** (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف نہ پڙهڻ وارو بدبخت آهي

الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ❁ جنهن رمضان جي مهيني کي پاتو ۽ ان جا روزا نہ رکيا اهو شخص شَقي (يعني بدبخت) آهي ❁ جنهن پنهنجي والدين يا کنهن هڪ کي پاتو ۽ انهن سان حسنِ سلوڪ نہ ڪيو اهو بہ شَقي (يعني بدبخت) آهي ❁ ۽ جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي دُرودِ پاڪ نہ پڙهيو اهو بہ شَقِي (يعني بدبخت) آهي.[1]

کعبہ کے بدرُ الدُّجیٰ تم پہ کروڑوں درود
طیبہ کے شمسُ الضُّحیٰ تم پہ کروڑوں درود
تم سے جہاں کا نظام، تم پہ کروڑوں سلام
تم پہ کروڑوں ثنا، تم پہ کروڑوں درود[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[(3)]

[1] معجمِ اَوْسط، جلد:3، صفحه:62، حديث:3871۔
[2] حدائق بخشش، صفحه:266-271۔
[3] … مسند فِردَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895۔

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدب سان ويهندس ❁ بيان دروان سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁ جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هڪ ڀيرو ٻيهر ماهِ غفران، ماهِ نُزولِ قرآن، ربَّ جي مهمان، ماهِ رمضان جي آمد آمد آهي. ڪجهه ئي ڏينهن کان پوءِ اعلان ٿيندو: مبارڪ هجي رمضانُ المبارڪ جو چنڊ نظر اچي ويو. هي اعلان ٻڌندي ئي عاشقانِ رمضان جون دليون خوشيءَ مان جهومڻ لڳنديون. چهرن تي تازگي (***Freshness***) اچي ويندي. مسجدن جي رونق وڌي ويندي. تراويح جو سلسلو. فرض نمازون. ڪو نفلن جي ڪثرت ڪري رهيو هوندو. ڪو تلاوتِ قرآن جي سعادت ماڻي رهيو هوندو. سحري ۽ افطاري جون رونقون هونديون. روزانو (عصر ۽ تراويح کان بعد) 2 مدني مذاڪرن جي ذريعي فيضانِ رمضان ۽ علمِ دين خوب عام ٿي رهيو هوندو. ۽ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! زندگي جو مزو ٻيڻو ٿي رهيو هوندو.

خُدا کی ہے عنایت ماہِ رمضان آنے والا ہے
ہوئی مولیٰ کی رحمت، ماہِ رمضان آنے والا ہے
خُوشی سے جھومتا ہے دِل، مچی ہے قلب میں ہلچل
مِلی عاشق کو فرحت، ماہِ رمضان آنے والا ہے [1]

---

[1] وسائلِ فردَوس ،صفحہ:24 ملتقطاً۔

## رمضان ماهِ نُزولِ قرآن

اي عاشقانِ رسول! رمضانُ المبارڪ جو ته چا ته نرالو شان آهي...!! اهو ئي مبارڪ مهينو آهي جنهن ۾ انسانيت جي هدايت جي لاءِ آخري آسماني ڪتاب يعني قرآنِ ڪريم نازل ٿيو: الله پاڪ فرمائي ٿو:

شَهْرُ رَمَضَانَ الَّذِیْۤ اُنْزِلَ فِیْهِ الْقُرْاٰنُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَ بَیِّنٰتٍ مِّنَ الْهُدٰى وَ الْفُرْقَانِۚ فَمَنْ شَهِدَ مِنْكُمُ الشَّهْرَ فَلْیَصُمْهُؕ

(سيپارو: 2، سورة بقرة: 185)

ترجمو ڪنزالعرفان: رمضان جو مهينو آهي جنهن ۾ قرآن نازل ڪيو ويو جيڪو ماڻهن جي لاءِ هدايت ۽ رهنمائي آهي ۽ فيصلي جي روشن ڳالهين (تي مشتمل آهي) پوءِ توهان مان جيڪو اهو مهينو ماڻي ته ضرور ان جا روزا رکي.

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان سيپارو: 2، سورة بقرة جي آيت نمبر 185 جو هڪ حصو ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، هن آيتِ ڪريمه ۾ رمضانُ المبارڪ جو هڪ خصوصي تَعارف پيش ڪيو ويو ته فرض روزن جي لاءِ هڪ مهينو مخصوص آهي ۽ اهو مبارڪ مهينو ماهِ رمضان آهي.

## جنّت ۾ پهريان وڃڻ جو سبب

پيارا اسلامي ڀائرو! ماهِ رمضان ماڻي وڃڻ، رمضانُ المُبارڪ جي بابرڪت، مُقدس گهڙين تائين پهچي وڃڻ نهايت سعادت جي ڳالهه آهي. تمام وڏي مرتبي وارا صحابيءِ رسول حضرت طلحه بن عبيد الله رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري 2 شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا، ٻنهي ڪلمو پڙهيو ۽ صحابيت جي درجي تي فائز ٿي ويا، (ٻئي نيڪ، پرهيزگار هئا، البت) انهن مان هڪ عبادت ۽ رياضت ۾ تمام گهڻي محنت ڪندو هو، جيئن ته جيڪو گهڻو عبادت گذار هو، اهو هڪ ڀيري ڪنهن جنگ ۾ شريڪ ٿيو ۽ شهيد ٿي ويو. پوءِ هڪ سال کان بعد ٻئي

صحابي رضی اللہ عنہ جو بہ انتقال ٿي ويو.

حضرت طلحہ رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: انھن ٻنهي جي دنيا مان وڃڻ کان بعد هڪ رات مون خواب ڏٺو، ڇا ٿو ڏسان تہ مان جنّت جي دروازي تي بيٺو آهيان، اهي ٻئي صحابيءِ رسول رضی اللہ عنہما بہ اتي ئي موجود هئا، ايتري ۾ جنّت جي اندران کو ٻاهر آيو ۽ اهو صحابي رضی اللہ عنہ جنهن جو انتقال هڪ سال بعد ۾ ٿيو هو، ان کي وٺي کري جنّت ۾ هليو ويو، کجھ دير کان پوءِ وري ٻاهر آيو ۽ اهو صحابي جيکو هڪ سال پهريان شهيد ٿيو هو، هن پيري ان کي وٺي کري جنّت ۾ داخل ٿي ويو.

صبح ٿيو تہ حضرت طلحہ رضی اللہ عنہ پنهنجو خواب صحابہءِ کرام رضی اللہ عنہم کي ٻڌايو، سيئي حيران هئا، جڏهن هيءَ ڳالھ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ تائين پهتي تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اي صحابہ! توهان کي حيراني کهڙي ڳالھ تي آهي؟ عرض کيائون: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ! هڪ صحابي گهڻو عبادت گذار هو، پوءِ کيس شهادت جو رتبو مليو، ان جي باوجود هُو بعد ۾ جنّت ۾ داخل ٿيو ۽ ٻيو صحابي جنهن جو انتقال هڪ سال کان پوءِ ٿيو، اهو پهريان جنّت ۾ داخل ٿي ويو، ان جو ڇا سبب آهي؟ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ڇا اهو صحابي هڪ سال وڌيڪ زنده نہ رهيو؟ عرض کيائون: جي ها! رهيو... پاڻ کريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ڇا ان شهيد ٿيڻ واري جي نسبت هڪ سال رمضان جا روزا نہ رکيا؟ صحابہ عرض کيو: جي ها! رکيا... پاڻ کريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ ٻيهر پڇيو: ڇا ان کان بعد ۾ فوت ٿيڻ واري صحابي اوترا سجدا وڌيک نہ کيا؟ عرض کيائون: جي ها!، کيا... ان تي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: بَس انهيءَ سبب

انهن ٻنهي جي درميان زمين ۽ آسمان جو فرق آهي.[1]

| | |
|---|---|
| مرحبا صد مرحبا! پھر آمدِ رَمضان ہے | کِھل اٹھے مُرجھائے دل تازہ ہوا ایمان ہے |
| یاخدا! ہم عاصیوں پر یہ بڑا اِحسان ہے | زندگی میں پھر عطا ہم کو کیا رَمضان ہے |
| یاالٰہی! تُو مدینے میں کبھی رَمضاں دِکھا | مدّتوں سے دل میں یہ عطارؔ کے ارمان ہے [2] |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! هڪ صحابي رَضِیَ اللہُ عَنْہ جنهن کي هڪ سال ماهِ رمضان ٻئي صحابي رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي نسبت وڌيڪ نصيب ٿيو: هڪ سال تائين سجدا ٻئي صحابي جي نسبت وڌيڪ نصيب ٿيا تہ ان کي ان جو فائدو پهتو ۽ اهو ٻي صحابي جي نسبت پهريان جنّت ۾ وڃڻ جو حقدار ٿي ويو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ہر صحابیِ نبی! | جنّتی! جنّتی! | سب صَحابیات بھی! | جنّتی! جنّتی! |
| والِدَینِ نبی! | جنّتی! جنّتی! | ہر زوجۂ نبی! | جنّتی! جنّتی! |
| اور ابوسُفیان بھی! | جنّتی! جنّتی! | ہیں مُعاویہ بھی! | جنّتی! جنّتی![3] |

## ڪاش! اسان رمضان تائين پهچي سگهون

اي عاشقانِ رسول! اسان جي قسمت جو تارو بہ چمڪڻ وارو آهي، ڪجھ ئي ڏينهن کان بعد اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ماهِ رمضان جو چنڊ نظر اچي ويندو، اللّٰہ پاڪ چاهيو تہ اسان هن سال بہ ماهِ رمضان جون مُقدس گهڙيون ڏسڻ، ماهِ رمضان جي بابرڪت گهڙين ۾ ساھ کڻڻ جي سعادت ماڻينداسين. اللّٰہ پاڪ اسان کي ان

[1] ابنِ ماجہ ،کتاب تعبير الرؤيا ،باب تعبير الرؤيا،صفحہ:631 ،حديث:3925۔
[2] وسائلِ بخشش ،صفحہ:705- 706 ملتقطًا۔
[3]…وسائلِ فردَوس ،صفحہ:53۔

جي توفيق بخشي، موت جو تہ ڪو پروسو ناهي، خبر ناهي ايندڙ ساھ بہ ڪٽي سگهنداسين يا نہ، ڪيترا ئي اهڙا هوندا جيڪي گذريل سال تہ رمضان مهيني ۾ اسان سان گڏ هئا، پر اهي هن سال ناهن، الله ڪري اسان کي ايتري مهلت نصيب ٿئي ۽ اسان خير ۽ عافيت سان ماهِ سبحان، ماهِ نزولِ قرآن، پياري پياري مهيني، ماهِ رمضان تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

ميں رمضانُ المبارک پاؤں، روزے سارے رکھ پاؤں
تُو رکھ زندہ سلامت، ماہِ رمضان آنے والا ہے
اِلٰہی عافیت دینا، سلامت دِل عطا کرنا
عطا کر دے تُو صِحَّت، ماہِ رمضان آنے والا ہے[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هاءِ! مغفرت کان محروم رهجي وياسين تہ...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! يقيناً ماهِ رمضان نصيب ٿي وڃڻ تمام وڏي سعادت آهي پر اُن کان وڏي سعادت جي ڳالھ هي آهي تہ ماڻهو ماهِ رمضان کي لهي ۽ ان جي خوب عزت ڪري. روزا رکي ڪري. خوب تلاوت ڪري. وڌ کان وڌ نيڪ اعمال ڪري. توبهہ ۽ استغفار ڪري پنهنجي مغفرت ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي. هاءِ! اهو نادان جيڪو هن مغفرت، رحمت ۽ جهنّم کان آزادي جي مهيني ۾ بہ پنهنجي مغفرت ڪرائڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهي، اهو سخت محروم آهي. حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: تہ مون رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي فرمائيندي ٻڌو: هي رمضان توهان وٽ اچي ويو آهي. هن ۾ جنّت جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ جهنّم جا دروازا بند ڪيا ويندا آهن ۽ شيطانن کي قيد ڪيو

[1] وسائلِ فردَوس ،صفحہ:25 بتقديم و تاخير۔

ويندو آهي. محروم آهي اهو شخص جنهن رمضان کي لڌو ۽ ان جي مغفرت نہ ٿي تہ جنهن جي هن رمضان ۾ مغفرت نہ ٿي پوءِ ڪڏهن ٿيندي![1]

مَہِ رَمضاں، مَہِ غُفراں، مَہِ سُبحاں، مہِ رَحماں
کُھلیں گے بابِ جنّت، ماہِ رمضان آنے والا ہے[2]

ڪاش! هن سال جڏهن ماهِ رمضان جي مبارڪ گهڙين ۾، ڏينهن جو ۽ رات جي وقت، سحري ۽ افطاري جي وقت مغفرت جا پروانا ورهائجي رهيا هجن، ڪاش! صد ڪروڙ ڪاش! الله پاڪ جي بي پناه رحمتن جو هڪ ڇنڊو اسان گنهگارن تي بہ پئجي وڃي ۽ اسان مغفرت ماڻڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

نزع کے وقت مجھے جلوۂ محبوب دِکھا!
تیرا کیا جائے گا میں شاد مروں گا یارَبّ!
عفو کر اور سدا کے لئے راضی ہو جا!
گر کرم کر دے تو جنّت میں رہوں گا یارَبّ!

عُلماءِ ڪرام فرمائن ٿا: ماهِ رمضانُ المبارڪ ۾ مغفرت جا اسباب جمع ٿي ويندا آهن. رمضان جو روزو رکڻ مغفرت جو سامان آهي. رمضان جي مهيني ۾ قيام ڪرڻ (يعني رات جاڳي ڪري عبادت ڪرڻ) بہ مغفرت جو ذريعو آهي. رمضان جي مهيني جي شبِ قدر ۾ عبادت ڪرڻ بہ مغفرت ماڻڻ جو ذريعو آهي. ائين ئي روزيدار کي روزو کولائڻ، خادم (يا ملازم) تي آساني ڪرڻ بہ مغفرت ماڻڻ جو ذريعو آهي. رمضانُ المبارڪ ۾ ذڪرالله جي ڪثرت ڪئي وڃي جو حديثِ پاڪ ۾ آهي: رمضان جي مهيني ۾ ذڪرُ الله ڪرڻ وارو بخشيل آهي.[3] اهڙيءَ

---

[1] معجمِ اَوْسَط، جلد:5، صفحہ:366، حديث:7627۔
[2] وسائلِ فردَوس، صفحہ:24۔
[3] معجمِ اَوسط، جلد:4، صفحہ:338، حديث:6170۔

طرح رمضانُ المبارڪ ۾ ڪثرت سان استغفار ڪرڻ سان بہ بخشش جي خيرات ملندي آهي. جڏهن ڳالهہ اهڙي آهي تہ هن مُقدس مهيني ۾ مغفرت ۽ بخشش جا سيئي سامان جمع آهن، ان جي باوجود بہ جيڪڏهن ڪو شخص محروم رهجي وڃي، پنهنجي مغفرت نہ ڪرائي سگهي تہ يقيناً اهو وڏو محروم آهي.[1]

## ماهِ رمضان ۾ مغفرت جا اسباب

الله پاڪ اسان کي ان محرومي کان محفوظ فرمائي. اسان رمضان جي مهيني ۾ مغفرت ڪيئن ڪرائي سگهون ٿا؟ ان جي لاءِ (1): سڀ کان پهريون ڪم هي ڪرڻو آهي تہ رمضانُ المبارڪ جي اچڻ کان پهريان پهريان اسان سچي پڪي توبهہ ڪري وٺون تہ جيئن گناهن کان بلڪل پاڪ صاف ٿي ڪري رمضانُ المبارڪ جو استقبال ڪري سگهون (2): رمضان جي مهيني ۾ ڏينهن جو روزو ۽ رات جو قيام (مثال طور پوريون 20 رڪعتون تراويح، تهجد ۽ بيا نوافل وغيره) هرگز نہ ڇڏيون (3): نفسِ اماره جي خواهشن کي روڪڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪيون (4): ماهِ رمضان ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ اهڙو وقت ضرور ڪيون جو جنهن ۾ ڪوبہ ڪم نہ هجي، دل دنياوي خيالن کان بلڪل صاف هجي ۽ اسان پوري توجهہ سان صرف ۽ صرف ذڪر ۽ دُرود ڪيون (5): غريبن، فقيرن ۽ مسڪينن جو خيال رکون، الله پاڪ وسعت ڏني آهي تہ دل کولي ڪري غريبن تي خرچ ڪيون (6): تقوٰي اپنائڻ يعني روزن جي باطني آدابن جو لحاظ رکڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي ڀَرپور ڪوشش ڪيون (7): رمضانُ المبارڪ جي هر طرح جي بي ادبي کان بچندا رهون (8): پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون (9): خوب تلاوت ڪيون (10) نعتون پڙهو (11): نيڪ ڪم ڪرڻ ۾ جلدي ڪيون (12): ۽ سڀ کان اهم ڳالهہ: اسان پنهنجو هي ذهن بڻائي رکون تہ هي منهنجي زندگي جو آخري

[1] لطائف المعارِف ،صفحہ:287ملتقطًا۔

رمضان آهي. هي ڪجهه طريقا اپنائيندا سين تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ماهِ رمضان جون خوب برڪتون نصيب ٿينديون ۽ الله پاڪ چاهيو تہ مغفرت جي خيرات بہ مِلي ئي ويندي.

يا خدا ماہِ رمضاں کے صدقے
نیک بن جاؤں جی چاہتا ہے

سچی توبہ کی توفیق دیدے
یا خُدا تجھ سے میری دعا ہے!

## آقا ﷺ جو رمضان

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جا آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفٰي، احمدِ مُجتبٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ رمضانُ المبارڪ سان تمام گهڻي محبت ڪندا هئا، پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زندگي مبارڪ ۾ ماهِ رمضانُ المبارڪ کي هڪ خاص اهميت حاصل هئي، اسان جا پيارا آقا، محمدِ مُصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ رمضانُ المبارڪ ڪيئن گذاريندا هئا؟ اچو! هن حوالي سان پاڻ سڳورن جون پياريون پياريون ادائون ٻڌون ٿا، جيڪڏهن اسان انهن مبارڪ نبوي ادائن کي اپنايون تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ماهِ رمضان جون برڪتون ميڙڻ ۽ مغفرت جي خيرات حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا سين.

## (1): ماهِ رمضان جو استقبال فرمائيندا هئا

اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پياري هڪ ادا هي آهي تہ پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ماهِ رمضان جو ڀرپور طريقي سان استقبال ڪندا هئا.[1] پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي عادتِ ڪريمہ هئي تہ رجبُ المُرجب کان ئي رمضانُ المبارڪ تائين پهچڻ جون دعائون فرمائڻ شروع ڪري ڏيندا هئا پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ماهِ رمضان جي پاڙيسري يعني ماهِ شعبان جو تمام گهڻو قدر

[1] لطائف المعارف ،صفحہ:204 ماخوذًا۔

ڪندا ۽ شعبانُ المُعظم ۾ ڪثرت سان نفل روزا رکندا هئا، رمضان المبارڪ اچڻ کان پهريان ئي استقباليہ خطبو ڏيندا هئا جنهن ۾ ماهِ رمضان جا فضائل ۽ برڪتون بيان فرمائيندا هئا.[1] پوءِ جڏهن رمضان مهيني جو چنڊ نظر ايندو هو تہ چنڊ ڏسڻ جي خاص دعا پڙهندا.[2] ۽ آمدِ رمضان جون خوشخبريون ڏيندا هئا.[3]

| | |
|---|---|
| ماہِ رمضاں جہاں میں پھر آیا | مغفرت کا پیام ہے لایا |
| رحمتِ حق کا ہو گیا سایہ | لحظہ لحظہ نزولِ رحمت ہے[4] |

اي عاشقانِ رسول! اسان کي بہ گهرجي تہ اسان الله پاڪ جي هن مهمان مهيني يعني رمضانُ المبارڪ مهيني جو پَرپور نموني سان استقبال ڪيون، رمضانُ المبارڪ جي تشريف آوري تي خوشي ملهايون، رمضانُ المبارڪ اچڻ کان پهريان ئي ان جي تياري ڪري وٺون هن مبارڪ مهمان کي سُنّي انداز ۾ پليڪار چئون ۽ پوءِ جيئن ئي رمضانُ المبارڪ جو چنڊ نظر اچي، بَس عبادت ۽ رياضت تي سندرو ٻڌي وٺون. رمضان المبارڪ ۾ مدني چينل تي ڏينهن رات ڪيئي ڪلاڪن جي لائيو خصوصي ٽرانسميشن(*Live Special Transmission*) ٿيندي آهي جن ۾ بعد نماز عصر ۽ بعد نمازِ تراويح 2 مدني مذاڪرا بہ ٿيندا آهن. انهن ۾ شرڪت ڪيو. فيضان رمضان ڪتاب جو مطالعو فرمايو. ان جو درس ڏيو. ٿي سگهي تہ پوري ماهِ رمضان جو اعتڪاف ڪيو. نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ آخري ڏهاڪي جو اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري مسجدن کي آباد ڪيو ۽ پنج ئي نمازون مسجد ئي ۾ ادا فرمايو.

اي عاشقانِ رسول! پنهنجي گهرن ۾ ماهِ رمضان الڪريم جون وڏيڪ برڪتون ماڻڻ جي لاءِ پنهنجي گهر جي عورتن کي بہ هيءُ ذهن ڏنو وڃي تہ رمضان

---

[1] موسوعة الامام ابنِ ابی الدنیا، فضائل شہر رمضان،جلد:1،صفحہ:371، حدیث:41ماخوذاً۔
[2] کتاب الدعاء للطبرانی،باب القول عند دخول رمضان ،جز:5 ،صفحہ:311 ،حدیث:912ماخوذاً۔
[3] مصنف ابنِ ابی شیبہ،کتاب الصیام، باب ما ذکر فی فضل رمضان ...الخ،جلد:2 ،صفحہ:419 ،حدیث:1 ماخوذاً۔
[4] وسائلِ فردَوس،صفحہ:29۔

المبارڪ جو چنڊ نظر اچڻ کان پهريان بلڪ هميشہ جي لاءِ مسجدِ بيت(يعني گهر ۾ عبادت جي لاءِ جڳهه) کي مختص ڪري ڇڏيو ۽ ان ۾ عبادت ڪرڻ شروع ڪيو، پنهنجي محارم سان گڏ ذڪر و درود ۽ نوافل جو اهتمام اڄ کان ئي ڪيو اسلامي ڀينرون آخري ڏهاڪي جو اعتڪاف انهي مسجدِ بيت ۾ ڪن. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! رمضان المبارڪ جون خوب خوب برڪتون ملنديون

## مصر جي هڪ شهر ۾ استقبالِ رمضان جو عجيب انداز

رمضان مهيني جو ڀرپور طريقي سان استقبال ڪرڻ مسلمانن جو معمول رهيو آهي، مشهور سِيّاح ابنِ بَطّوطہ لکي ٿو: 727 هجري جي ڳالهه آهي، مان مصر جي هڪ شهر ۾ هيس، شعبانُ المعظم جي 29 تاريخ هئي، اتان جي قاضي صاحب قاضي عزّالدّين جي گهر خوب اهتمام ٿي رهيو هو، شام جي وقت وڏا وڏا عالم سڳورا ۽ رَئيس ماڻهو قاضي جي گهر جمع ٿيڻ شروع ٿيا، دروازي تي هڪ شاهي نوڪر بيٺو هو جيڪو پرجوش طريقي سان مهمانن جو استقبال ڪري رهيو هو، عُلماءِ ڪرام تشريف وٺي ايندا ۽ پنهنجي پنهنجي جڳهه تي ويهندا ويندا هئا، جڏهن سڀ اچي چڪا تہ قاضي صاحب تشريف وٺي آيو، هاٺي اهي سيئي ماڻهو پنهنجي پنهنجي سوارين تي سوار ٿيا، شهر جا ٻيا ماڻهو انهن جي پنيان پنيان هلڻ لڳا، قاضي صاحب جي قيادت ۾ هي قافلو ڏوهم ڌام سان روانو ٿيو، هلندي هلندي هي قافلو شهر کان ٻاهر هڪ بُلند جڳهه پهچي ويو، ان هنڌ قالين وڇايل هئا، سيئي پنهنجي سوارين تان هيٺ لٿا، مغرب جو وقت ويجهو هو، سيني رمضان جي مهيني جي چنڊ ڏسڻ جي ڪوشش شروع ڪئي، چنڊ ڏسڻ کان بعد مغرب جي نماز اتي ئي ادا ڪئي وئي، نماز کان بعد هي قافلو شهر جي طرف روانو ٿيو، هاٺي ماڻهن جي هٿن ۾ ميڻ بتيون، ڏيئا ۽ فانوس هئا، ان پياري انداز سان سيئي ماڻهو قاضي صاحب جي گهر تائين آيا، پوءِ پنهنجي پنهنجي گهر هليا ويا. انهن وٽ هر سال رمضان مهيني جي استقبال جو اهو ئي انداز هو ۽ اهي ماڻهو هن کي يومُ الرُّڪبہ (يعني سواري جو

ڏينهن) چوندا هئا.[1]

## استقبالِ رمضان جا مختلف انداز

اي عاشقانِ رسول! ماهِ رمضان، ماهِ غفران جي آمد تي مختلف انداز سان ان جو استقبال ڪرڻ، خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ ڪا نئين ڳالهه نہ آهي، اَلْحَمْدُلله! مسلمانن ۾ ڪيئي سالن کان هي رواج آهي، مغربي مُلڪن ۾ ماڻهو شعبان جي آخري ڏهاڪي کان ئي استقبالِ رمضان جون تياريون شروع ڪري ڇڏيندا هئا. ان ڪري اهي ماڻهو پنهنجي گهرن جون صفايون ڪندا هئا. گهرن ۾ رنگ روغن ڪرائيندا هئا. جيڪي شيون نيون وٺڻ واريون هونديون هيون، اهي خريد ڪري وٺندا هئا. آمدِ رمضان تي هڪٻئي کي مبارڪ باد ڏيندا هئا. ۽ جڏهن رجب جي مهيني جو چنڊ نظر اچي ويندو هو تہ خوشي ۾ قصيدا بہ پڙهندا هئا. استقبالِ رمضان جي مُتعلق يمن وارن جو بہ نرالو انداز رهيو آهي. جڏهن رمضان مهيني جي آمد ٿيندي هئي تہ يمن وارا عربي جا هي شعرَ پڙهي ڪري ان کي ڀليڪار چوندا هئا:

مَرْحَبَا يَا شَهْرَ رَمْضَان مَرْحَبَا شَهْرَ السَّعَادَه
مرحبا! اے ماہِ رمضان، مرحبا! اے ماہِ سعادت

مَرْحَبَا يَا عَالِيَ الشَّان فِي الْمَعَالِي وَ الزِّيَادَه
مرحبا! اے بلند شان والے مہینے، مرحبا!

كُلُّ مُسْلِمٍ فِيْكَ نِشْطَانٌ بِالتَّوَجُّهِ لِلْعِبَادَه
مسلمان تجھ میں عبادت کے لئے چاک وچوبند ہیں

وَعَنِ الْمَعَاصِي كَسْلَانٍ وَلَهُ الطَّاعَاتِ عَادَه
گُناہوں میں کمی آئی اور اطاعت کی عادت ہو گئی

كُلُّ مَسْجِدٍ فِيْكَ قَدْ زَانَ رَبُّهُ بِالنُّوْرِ زَادَه
اللّٰہ پاک نے ہر مسجد کی نورانیت بڑھا دی

فِي تَرَاوِيْحٍ وَ قُرْآنٍ، قَدْ جَفَى نَوْمُ الْقَعَادَه
تراویح اور قرآن کی برکت سے نیند دُور ہو گئی

اَنْ يُعَامِلْنَا بِاِحْسَانٍ، وَيُجْزِنَا مِنْ بِعَادَه

[1] رحلة ابنِ بطوطه، جز:1، صفحه:49۔

اي ماهِ رمضان! اسان سان حسنِ سلوڪ ڪجانءِ ۽ پنهنجي عبادت جي مطابق بهتر جزاء جو ذريعو بڻجانءِ.

❁ اُرْدَن ۾ رمضانُ المبارڪ ايندي ئي ڏينهن جي وقت هوٽلون وغيره بند ڪيون وينديون، سحري جي وقت ماڻهن کي جاڳائڻ جو اهتمام ڪيو ويندو هو. ❁ مَوْرِيتانِيا ۾ رمضانُ المبارڪ جو چنڊ ڏسڻ جو اهتمام ڪيو ويندو هو. جيئن ئي چنڊ نظر ايندو هو، هر پاسي خوشي جا آثار ڇائنجي ويندا هئا ۽ ماڻهو خوشيءَ وچان قصيدا پڙهڻ لڳندا هئا. ❁ صُومال ۾ آمدِ رمضان جي خوشي ۾ مسجدن کي سجايو ويندو هو. ❁ مسجدن ۾ لائٽنگ ڪئي ويندي هئي. ❁ ۽ مسجدن ۾ نوان قالين وڇايا ويندا هئا. ❁ ترڪي جا ماڻهو رمضانُ المبارڪ کي ملڪُ الشهور(يعني مهينن جو بادشاه) چوندا هئا. ❁استقبالِ رمضان جي لاءِ گهٽين پاڙن کي سجايو ويندو هو. ❁ رمضانُ المبارڪ جو چنڊ ڏسي ڪري ماڻهو الله اڪبر جا نعرا بُلند ڪندا ۽ سحري ۽ افطاري جا ڪليندر به ورهائيندا ويندا هئا. ❁ انڊونيشيا جا مسلمان رمضانُ المبارڪ جي تعظيم جي لاءِ پيرين اگهاڙا ٿي ڪري چنڊ ڏسندا هئا. ❁ آمدِ رمضان جي خوشي ۾ مسجدن جي صفائي جو اهتمام ٿيندو هو. ❁ مسجدن ۽ مسجد ڏانهن ويندڙ رستن کي سجايو ويندو هو.

❁ الله پاڪ اسان کي به خوب اهتمام سان ماهِ رمضان جو استقبال ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. ❁ گهٽ نه ته گهٽ ۾ گهٽ اسان پنهنجي گهر جي صفائي ڪيون. ❁ استقبالِ رمضان جي لاءِ گهرن ۾ خوشبو مهڪايون وجن. ❁ مسجدن جي صفائي جو به خاص اهتمام ڪيو وڃي. ❁ ٿي سگهي ته ماهِ رمضان جي عبادت جي لاءِ نوان ڪپڙا به سبرايا وڃن. ❁ گهر ۾ موجود مُصلا به چڱي طرح ڌوتا وڃن. ❁ ذڪر و اذڪار جي لاءِ نئين تسبيح خريد ڪئي وڃي. ❁ هيئن ماهِ رمضان جو خوب اهتمام سان استقبال ڪيو وڃي. ❁ محبتِ رمضان ۾ سُنين

سُنين نيّتن سان هي سڀ ڪجھ ڪنداسين تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! برڪتون نصيب ٿينديون.

## (2): آقا ڪريم ماهِ رمضان جي لاءِ فڪرمند ٿيندا هئا

پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ماهِ رمضان جي لاءِ فڪرمند ٿيندا هئا. مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: رمضانُ المبارڪ جي ايندي ئي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي چهري جو رنگ بدلي ويندو هو.[1]

علّامہ عبدُ الرؤف مناوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن جي شرح ۾ لکن ٿا: رنگ مبارڪ تبديل ٿيڻ جو سبب خوف هو، يعني پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خوف زده ٿي ويندا ها تہ ڪٿي رمضانُ المبارڪ ۾ بندگي جو حق ادا ڪرڻ ۾ ڪا ڪَمي نہ رهجي وڃي.[2]

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! بندگي ڇا آهي ۽ بندگي جا حقوق ڪهڙا آهن، هي سيئي ڳالهيون دنيا کي رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ئي سيکاريون آهن، پاڻ هادي آهن، رهنما آهن، سندن ادائون ربّ جو دين آهن، سندن فرمان ربّ جو فرمان آهي، پاڻ الله پاڪ جا محبوب آهن، رمضان مِليو ئي انهن جي صدقي ۾ آهي، ان جي باوجود پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو انداز ڪيڏو نرالو آهي، رمضانُ المبارڪ ايندو هو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي فڪر لاحق ٿي ويندو هو تہ ڪٿي ماهِ رمضان ۾ بندگي جي حق ۾ گهٽتائي نہ ٿي وڃي.

هاءِ! هڪ اسان آهيون، اسان وٽ هاڻي دلين مان رمضانُ المبارڪ جو احترام گهٽ ٿيندو پيو وڃي، ڪيترائي اهڙا غافل آهن جيڪي بغير شرعي مجبوري جي رمضانُ المبارڪ جا پهريان تہ روزا ناهن رکندا، هي ڪبيره گناهہ حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، هڪ چوري پيو سينہ زوري هيئن ڪندا آهن

[1] شُعَبُ الْايمان، جلد:3، صفحہ:310، حديث:3625۔
[2] فيض القدير، جلد:5، صفحہ:168، تحت الحديث:6681۔

جو ❁ روزيدارن جي سامهون ئي کائيندا پيئندا آهن ❁ سگريٽ جا سوٽا هڻي رهيا هوندا آهن ❁ پاڻ چباڙي رهيا هوندا آهن ❁ ايستائين جو ڪجهه ته اهڙا بي بي خوف آهن جو سري عام پاڻي پيئندا بلڪ کاڌو کائيندي به ناهن شرمائيندا افسوس! ماهِ رمضان ۾ اسان جو ڏينهن مال ڪمائڻ ۾ گذري ويندو آهي، راتيون گناهن ۾ گذري ويندیون آهن، بندگي جو حق ادا ڪرڻ جو فڪر ستائڻ ته پري جي ڳالهه آهي، ماهِ رمضان ۾ به عبادت جي طرف دليون مائل ناهن ٿينديون، ها! رمضان جون راتيون گذارڻ جي لاءِ راند روند جو اهتمام ڪيو ويندو آهي، ڪاش! اسان کي صحيح معنٰي ۾ ماهِ رمضان جو قدر نصيب ٿي وڃي.

## رمضان المبارڪ جي بي حُرمتي جو انجام

علّامہ اِبنِ جَوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: الله پاڪ جي آخري رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مون وٽ جبريلِ اَمين عَلَيْهِ السَّلَام حاضر ٿي عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! قيامت جي ڏينهن هڪ نوجوان کي آندو ويندو، هو غمگين هوندو، روئي رهيو هوندو، ملائڪ ان کي ٻانهن ۾ لوهي گُرزَن (IronRods) سان ان کي هڪلي رهيا هوندا، اهو نوجوان هڪ هزار سال تائين اَلاَمَان! اَلاَمَان! پڪاريندو رهندو پر ان کي اَمَان نه ڏني ويندي، پوءِ ان نوجوان کي هڪ هزار سال کان بعد رب قهار جي بارگاهه ۾ پيش ڪيو ويندو، الله پاڪ عذاب جي ملائڪن کي حڪم ڏيندو ته ان کي اونڌهي منهن جهنم ۾ ڦٽو ڪيو! حضرت جبريلِ اَمين عَلَيْهِ السَّلَام جو هي بيان ٻُڌي حضور اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اي جبريل (عَلَيْهِ السَّلَام)! اهو ڪير هوندو؟ عرض ڪيائين: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! هي اوهان جو هڪ اُمتي هوندو. فرمايائون: ان جو

گناهه ڪهڙو هوندو؟ عرض ڪيائين: يارسولَ الله صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ! هي اهو بدنصيب هوندو، جنهن جي زندگي ۾ رمضان المبارڪ آيو پر هن تَوبہ ۽ اِستِغفَار جي بدران رمضان کي گُنَاهن ۾ گذاري ڇڏيو.[1]

الله جي پناهه! الله جي پناهه! اي عاشقانِ رمضان! غور ته ڪريو! رمضان المبارڪ ۾ گُنَاهه ڪري هن مقدّس مهيني جي بي حرمتي (***Dis-respect***) ڪرڻ ڪيترو نقصانده آهي...! رمضان المبارڪ جي بي قدري ڪرڻ وارا هن مان عبرت حاصل ڪن، ٿورو غور ته ڪن...! اسان ڪيستائين هن دنيا ۾ زنده رهنداسين؟

| ایک دن مرنا ہے آخر موت ہے | کرلے جو کرنا ہے آخر موت ہے |
|---|---|

هڪ ڏينهن حضرت عزرائيل عَلَیۡہِ السَّلَام ايندو، اسان جو مال، اسان جي دولت، اسان جا رشتيدار (***Relatives***) اسان جو اَولاد، دوست احباب، ڪجهه به ڪم نه ايندو، سڀ ڏسندا رهجي ويندا، افسوس! اسان جي جسم مان رُوح ڪڍيو ويندو، پوءِ غَسَّال کي گهرايو ويندو، ڪفن پارايو ويندو، افسوس! صد ڪروڙ افسوس! پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي جنازي نماز ادا ڪري اسان کي اونداهي قبر ۾ لاٿو ويندو. الله نه ڪري! الله نه ڪري! ❁ جيڪڏهن اسان رمضان جون راتيون گُنَاهن ۾ گذاري ڪري ❁ فضوليات ۾ مشغول رهي رمضان المبارڪ جي بي حُرمتي ڪئي هوندي ❁ جيڪڏهن رَبّ ناراض ٿي ويو ❁ ان جي سبب قبر ۾ اسان جي پڪڙ ٿي وئي ❁ قيامت جي ڏينهن پڪڙ ٿي وئي، ته سوچيو! اسان جو ڇا ٿيندو؟ ❁ خدانخواسته الله پاڪ جي رحمت نه ملي ❁ شافِعِ محشر، سلطانِ بحر و بَر صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي شفاعت کان محروم رهجي وياسين ته ڇا

[1] بستان الواعظين ،صفحه:188 ـ

ڪنداسين؟

تُو بس رہنا سدا راضی، نہیں ہے تابِ ناراضی
عطا کر عافیت تو نزع و قبرو حشر میں یاربّ!
میں رحمت، مغفرت، دوزخ سے آزادی کا سائل ہوں
بَراءَت دے عذابِ قبر سے نارِ جہنّم سے

تُو ناخوش جس سے ہو برباد ہے تیری قسم مولیٰ!
وسیلہ فاطِمہ زَہرا کا کر لطف و کرم مولیٰ!
مہِ رمضان کے صدقے میں فرمادے کرم مولیٰ!
مہِ شعبان کے صدقے میں کر فضل و کرم مولیٰ![1]

اي عاشقانِ رسول! هينئر موقعو آهي، رمضان المبارڪ اچي رهيو آهي، زندگي ۾ ڪڏهن رمضان المبارڪ جي بي قدري ڪئي آهي، بي ادبي ٿي وئي آهي ته اج ئي توبه ڪريو ۽ پڪي نيت ڪريو ته ❁ هن سال رمضان المبارڪ جي خوب قدر ڪنداسين ❁ رمضان المبارڪ جي بي ادبي کان بچنداسين ❁ خوب روزا رکنداسين ❁ پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪنداسين ❁ خُوب تلاوتِ ڪنداسين ❁ رمضان المبارڪ ۾ گناهن کان بچڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪنداسين ❁ غيبت به نه ڪنداسين ❁ چغلي به نه ڪنداسين ❁ ٻين کي تڪليف به نه ڏينداسين ❁ بَس پورو رمضان نيڪين ۾ ❁ عبادت ۽ رياضت ۾ ❁ عاجزي سان توبه ۽ اِستِغفار ڪندي گذارينداسين. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

تراویح اور نَمازوں میں، کمی ہوگی نہ روزوں میں
کرو مل کر یہ نیّت، ماہِ رمضان آنے والا ہے
نبی کے عشق میں روؤں، مدینے کے لئے تڑپوں
خُدا دے سوز و رِقَّت، ماہِ رمضان آنے والا ہے
رہوں قائِم میں توبہ پر، خُدایا فضل ایسا کر
گُناہوں سے دے نفرت، ماہِ رمضان آنے والا ہے[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] وسائل بخشش، صفحہ:98 ملتقطًا۔
[2] وسائلِ فردوس، صفحہ:24- 25 ملتقطًا۔

## (3): عبادت جي لاءِ تيار رهندا هئا

پيارا اسلامي ڀائرو! مسلمانن جي امڙ سائڻ حضرت عائشہ صديقہ طيبہ طاهره رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: جڏهن رمضانُ المبارڪ ايندو هو تہ پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ عبادت ۾ تمام گهڻو مشغول ٿي ويندا هئا.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا تہ شان آهي اسان جي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو...!! ڪاش! اسان بہ پنهنجي ڪريم آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي حسين ادا اپنايون، جيئن ئي رمضانُ المبارڪ اچي صرف عبادت ۾ مشغول ٿي وڃون، پورو رمضان جو مهينو خوب مضبوطي سان عبادت ڪيون.

عبادت میں، ریاضت میں، تلاوت میں لگا دے دل

مہِ رمضان کے صدقے میں فرمادے کرم مولیٰ!

## رمضان نيڪين جو سيزن آهي

اي عاشقانِ رسول! رمضان جو مهينو نيڪين ڪرڻ جو مهينو آهي پر افسوس! اسان وٽ رمضان ۾ ماڻهو پنهنجيون مصروفيتون وڌائي ڇڏيندا آهن. رمضانُ المبارڪ ڪاروباري حضرات جي لاءِ ڪمائي جو مهينو هوندو آهي، ماهِ رمضان ۾ بازارن ۾ رش وڌي ويندي آهي، جوتن، ڪپڙن جي دڪانن تي تمام گهڻي رش لڳندي آهي، ايئن دڪاندارن جي مصروفيت بہ وڌي ويندي آهي. معاذَالله! ڪجھ نادان انهيءَ مصروفيت سبب فرض روزا بہ ترڪ ڪري ڇڏيندا آهن، نمازون ڇڏي ڏيندا آهن.

هاءِ! افسوس اسان عيدالفطر جي هڪ ڏينهن جي لاءِ پورو رمضان تياري ڪندا آهيون پر رمضانُ المبارڪ جو پورو مهينو ڪيئن گذارڻو آهي، ان جي

[1] شُعَبُ الْايمان، جلد:3، صفحه:310، حديث:3624.

تياري هڪ ڏينهن بہ ناهيون ڪندا. رمضانُ المبارڪ واقعي سيزن آهي پر مال ڪمائڻ جو نہ بلڪ هي نيڪين ڪمائڻ جو سيزن آهي نهايت مضبوطيءَ سان عبادت ڪرڻ جو سيزن آهي، ڏسو! اسان جا پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ عبادت تي سندرو ٻڌي تيار ٿي ويندا هئا يعني عام روٽين کان وڌيڪ عبادت فرمائيندا هئا.

اندازو لڳايو! آقا ڪريم، رؤف الرّحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي هڪ هڪ گهڙي عام حالتن ۾ بہ نيڪيون ڪندي ئي گذرندي هئي تہ رمضانُ المبارڪ ۾ عبادت جي ڪثرت ڪيتري قدر فرمائيندا هوندا. ٻئي پاسي اسان جو حال ڇا آهي...؟ عام ڏينهن جي عبادت بہ بَس ائين ئي آهي...!! خوش نصيب آهن، جيڪي پنج ئي نمازون باجماعت پڙهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن، نہ تہ هڪ تعداد آهي جيڪي نمازِ باجماعت کان بہ محروم رهندا آهن.

بهرحال! اسان رمضان جي عبادت ۾ اضافو ڪنداسين، پهريان 5 نمازون پڑهندا هئاسين ❁ هاڻي تراويح بہ پڙهنداسين. ❁ تهجد بہ شروع ڪنداسين. ❁ اشراق ۽ چاشت جا نوافل بہ پڙهنداسين. ❁ اوّابين جا نوافل بہ ادا ڪنداسين ❁ رات سمهڻ کان پهريان صلٰوةُ التّوبه جا نفل بہ پڙهي ڪري سمهنداسين. ❁ اهڙيءَ طرح پهريان 313 ڀيرا دُرود شريف پڙهندا هئاسين، رمضان شريف ۾ 1000 (هڪ هزار) ڀيرا پڙهنداسين. ❁ پهريان روزانو هڪ سيپارو تلاوت ڪندا هئاسين، رمضانُ المبارڪ ۾ 2 سيپارا تلاوت ڪنداسين، ايئن اسان جي عام ڏينهن ۾ جيڪا روٽين آهي رمضانُ المبارڪ ۾ ان ۾ اضافو هئڻ گهرجي. الله پاڪ اسان کي توفيق عطا فرمائي.

## رمضانُ المبارڪ جون 2 اهم عبادتون

مسلمانن جي امڙ حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: جڏهن رمضان

ايندو هو تہ پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نمازن جي ڪثرت فرمائيندا ۽ خوب روئي روئي ڪري دعائون ڪندا هئا.[1]

رمضانُ المبارڪ جون ڪوڙ عبادتون آهن، هي ہ بہ نهايت اهم آهن: (1): نوافل جي ڪثرت (2) خوب دعائون ڪرڻ.

## رمضان مهيني ۾ رات جو جاڳندا ڪيو!

جنهن جي ذمي قضا نمازون رهنديون هجن، انهن کي گهرجي تہ نوافل جي جڳهہ تي قضا پڙهن، نہ تہ نوافل جي ڪثرت ڪن، تي سگهي تہ سڄي رات نفل پڙهن، نہ تہ اڌ رات، هي بہ نہ ٿي سگهي تہ رات جو هڪ حصو، هي بہ نہ ٿي سگهي تہ رات جو ڇهون حصو، هي بہ نہ ٿي سگهي تہ گهٽ ۾ گهٽ نمازِ مغرب، عشاء، فجر جماعت سان ادا ڪيو، تراويح بہ پوريون پڙهيون وڃن، مغرب کان بعد اوّابين جا نوافل بہ پڙهيا وڃن ۽ پوءِ سحري ۾ تہ لازمي اٿڻو آهي، نمازِ تهجد بہ ادا ڪئي وڃي، اهڙيءَ طرح اسان اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! رات جو گهڻو حصو عبادت ۾ گذارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا سين.

## آقا ﷺ تراويح پڙهندا هئا

صحابي ابن صحابي حضرت عبدُ الله بن عبّاس رَضِىَ اللهُ عَنْهما فرمائن ٿا: پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ رمضانُ المبارڪ ۾ وِتر کان علاوه 20 رڪتون نماز ادا فرمائيندا هئا.[2]

مشهور مُفسرِ قرآن، حڪيمُ الامّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن (حديث شريف) مان معلوم ٿيو تہ خود حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ 20 رڪعتون نماز پڙهندا هئا. مُفتي صاحب وڌيڪ لکن ٿا: خيال رهي تہ حضور

[1] شُعَبُ الْايمان، جلد:3، صفحہ:310، حديث:3625۔
[2] معجمِ اَوسط، جلد:1، صفحہ:233، حديث:798۔

صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نمازِ تراويح باجماعت پابندي سان ادا نہ فرمائي، صرف 2 ڏينهن ادا ڪئي ۽ بعد ۾ فرمايائون هن تي پابندي ڪئي وئي تہ فرض ٿي وڃڻ جو انديشو آهي، جنهن سان منهنجي امّت کي ڏکيائي ٿيندي. تنهنڪري توهان پنهنجي گهر ۾ ئي نماز پڙهي وٺندا ڪيو! بعد ۾ (مسلمانن جي ٻئين خليفي) حضرت عُمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰه عَنۡه نمازِ تراويح جو اهتمام فرمايو ۽ 20 رڪعتون تراويح باقاعده جماعت سان گڏ پڙهڻ جو اهتمام فرمايو.[1]

## تراويح سنتِ مؤڪده آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! تراويح رمضانُ المبارڪ جي خاص عبادت آهي، نفل ہہ سڄو سال پڙهجي سگهجن ٿا، تلاوت ہہ ٿي سگهي ٿي، نفلي اعتڪاف ہہ ڪري سگهجي ٿو پر تراويح صرف ۽ صرف رمضان ۾ ئي پڙهي ويندي آهي، تنهنڪري تراويح ۾ بلڪل ہہ سستي نہ ڪرڻ گهرجي. ياد رکو! رمضانُ المبارڪ ۾ تراويح پڙهڻ سنّتِ مؤڪده آهي.[2] سيدي اعلي حضرت فتاويٰ رضويہ شريف ۾ فرمائن ٿا سُنّتِ مؤڪده جي ترڪ جي عادت بڻائي وٺڻ گناه آهي.[3] تراويح جا وڌيڪ مسئلا ۽ فضائل ڄاڻڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ڪتاب فيضان رمضان جي باب فيضان تراويح جو مطالعو ڪيو. اِنْ شَآءَاللّٰه! معلومات جو خزانو هٿ ايندو.

## (4): قرآنِ ڪريم جو دور فرمائيندا هئا

اي عاشقانِ رسول! پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ماهِ رمضان جي معمولات مان هڪ هي ہہ آهي تہ پاڻ صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ رمضان ۾ تلاوت

---

[1] جاء الحق ،صفحہ:355 -356 ملتقطًاو تقديم و تاخير۔
[2] رد المحتار ،کتاب الصلاة ،باب الوتر و النوافل ،مبحث صلاة التراويح ،جلد:2 ،صفحہ:596
[3] رد المحتار ،کتاب الصلاة ،باب الوتر و النوافل،مبحث صلاة التراويح ،جلد: 2،صفحہ:596

جي خوب ڪثرت ڪندا هئا بلڪ صحابيءِ رسول حضرت ابنِ عبّاس رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: هر سال رمضانُ المبارڪ جي هر رات حضرت جبريلِ اَمين عَلَيْهِ السَّلَام حاضرِ خدمت ٿيندا هئا، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملائڪن جي سردار حضرت جبريلِ اَمين عَلَيْهِ السَّلَام سان قرآن ڪريم جو دور فرمائيندا هئا.[1]

معلوم ٿيو: رمضانُ المبارڪ ۾ قرآنِ ڪريم جو دور ڪرڻ بہ سنّتِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي. دور جو مطلب آهي: هڪ پڙهي، ٻيو ٻُڌي، وري ٻيو پڙهي، پهريون ٻُڌي. حافظ سڳورا تہ عموماً دور ڪندا آهن. خاص تراويح ۾ جيڪو سيپارو پڙهڻو هوندو آهي، ان جو دور ڪندا آهن، ان سان حفظ پڪو ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن حفظ ناهي ڪيو تہ ڇا ٿي پيو؟ اسان هاڻي ڪان حفظ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون، مڪمل قرآن ڪريم نہ تہ ڪم از ڪم سوره ياسين، سوره رحمٰن، سوره ملڪ، سوره واقعہ ۽ سوره مزمل ئي ياد ڪري ونون. جيڪڏهن هي ياد آهن تہ اسان وڌيڪ اضافو ڪري ننڍيون سورتون ياد ڪيون. هي سورتون حفظ ڪندي جيڪڏهن انهن جا فضائل ذهن ۾ رهندا تہ ذوق ۾ اضافو ٿيندو جيئن. سوره ياسين شريف ڪي قرآن جي دل. سوره رحمٰن ڪي قرآن ڪريم جي زينت چيو ويو آهي ۽ . سوره ملڪ جي تلاوت قبر جي عذاب کان نجات ڏياريندي آهي. سوره واقعہ جي تلاوت رزق ۾ اضافي جو سبب بڻجندي آهي. بهرحال! اسان ڪي بہ گهرجي تہ ان اداءِ مصطفٰي ڪي ادا ڪيون، گهر ۾ 2 ڀائر ملي وڃن، پيءُ پاءُ ملي ڪري دور ڪن، ماءُ پٽ بلڪ زال مڙس بہ ملي ڪري دور ڪري سگهن ٿا، جيڪڏهن حفظ ناهي ڪيو تڏهن بہ ڪا ڳالھ ناهي، ٻئي پنهنجي سامهون قرآن کولين، هڪ مٿان کان ڏسي پڙهي ۽ ٻيو ڏسي ڏسي ڪري ٻڌندو وڃي، پوءِ ٻيو ڏسي ڪري پڙهي، پهريون ڏسي ڪري ٻڌندو وڃي.

---

[1] بخاری ،کتاب بدء الوحی،صفحہ:67 ،حدیث:6۔

هن طرح اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! قرآنِ ڪريم پڙهڻ جو بہ ثواب ملندو ۽ گڏوگڏ ٻڌڻ جو بہ ثواب نصيب ٿيندو. ياد رهي! قرآن پڙهيو وڃي تہ ٻڌڻ فرض آهي ۽ رمضان ۾ فرض جو ثواب 70 ڀيرا وڌايو ويندو آهي، جيڪڏهن اسان اداءِ مصطفٰي ڪي ادا ڪندي قرآنِ ڪريم جو دور ڪنداسين تہ ان فرض جي ادائيگي ٿيندي ۽ الله پاڪ جي ڪرم سان 70 ڀيرا وڌائي ڪري ثواب جا حقدار ٿينداسين.

ہر گھڑی رحمت بھری ہے ہر طرف ہیں برکتیں
ماہِ رَمضاں رحمتوں اور برکتوں کی کان ہے
آگیا رَمضاں عبادت پر کمر اب باندھ لو
فیض لے لو جلد یہ دن تیس کا مہمان ہے

## (5): آقا ﷺ خوب سخاوت فرمائيندا هئا

پيارا اسلامي ڀائرو! پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي رمضان جي بابرڪت معمولات مان هڪ هي بہ آهي تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ماهِ رمضان ۾ خوب ڪثرت سان سخاوت فرمائيندا هئا، روايتن ۾ ايستائين اچي ٿو تہ پاڻ رمضان مهيني ۾ تيز هوا کان بہ وڌيڪ سخاوت فرمائيندا هئا.[1] پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ کان جيڪو گهريو ويندو هو، عطا فرمائي ڇڏيندا هئا.[2]

سُبْحٰنَ اللّٰه! اسان جا پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ تہ سخين جا سردار آهن، رمضان هجي يا ڪو ٻيو مهينو ان دَر تان سخاوت جو دريا هميشہ جاري رهندو آهي. البتہ! سخي آقا، مڪي مدني مصطفٰي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي سخاوت جو درياءِ وڌيڪ رمضان جي مهيني ۾ جوش تي هوندو هو. اسان کي بہ رمضان جي مهيني ۾ پنهنجي سخاوت وڌائڻ گهرجي، پهريان جيترو راهِ خُدا ۾

[1] بخاری ،کتاب بدء الوحی،صفحہ:67 ،حدیث:6۔
[2] الطبقات الکبری ،جلد:2 ،صفحہ:150۔

ڏيندا آهيون، رمضانُ المبارڪ ۾ ان ڪان وڌيڪ ڏيون، اسان جي معاشري ۾ غريبن جي ڪوٺ ناهي، ڪيئي يتيم، مسڪين، غريب ويچارا اهڙا هوندا جن جون سحريون افطاريون پاڻيءَ سان ٿي رهيون هونديون. کُجور خريد ڪرڻ جي بہ ٿي سگهي طاقت نہ هجي، پوءِ رمضان المبارڪ ڪان بعد عيد بہ اچي ويندي آهي، ويچارا غريب سُٺي انداز ۾ روزا رکي سگهن، سحري افطاري ۾ بہ انهن جو دسترخوان سجي، انهن کي بہ پيدا ڪيل نعمتون کائڻ جو موقعو ملي، پوءِ عيد بہ سُٺي انداز سان گذاري سگهن، ان ڪري رمضان ۾خوب دل کولي ڪري صدقو ۽ خيرات ڪرڻ گهرجي.

جيڪي ماڻهو ڪجهہ پيسي وارا آهن انهن وٽ تہ افطاري جون دعوتون بہ هلي رهيون هونديون آهن، ڪڏهن ڪنهن دوست وٽ افطاري آهي، ڪڏهن ڪنهن رشتيدار وٽ، افطار پارٽي جي نالي تي هوٽلن تي رش هوندي آهي، رهجي ويندا آهن غريب ويچارا...!! انهن ڪان ڪير پڇي، ڪير افطار تي گهرائي...!!

## هڪ افطاري غريبن سان گڏ

جيڪڏهن رشتيدار ناهن، تڏهن بہ ڪنهن غريب کي افطاري ڪرائڻ ۾ ڪهڙو حرج آهي بلڪ غريبن کي افطاري ڪرائڻ ۾ ثواب گهڻو ملڻ جي اميد آهي. صحابي ابنِ صحابي حضرت عبدُ الله بن عُمر رَضِیَ اللہ عَنْہ جي عادت مبارڪ هئي تہ پاڻ افطاري مسڪينن سان گڏ ڪندا هئا.[1]

سُبْحٰنَ الله! اسان بہ نيّت ڪيون گهڻو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ افطاري تہ ڪنهن غريب سان گڏ ڪيون، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جي دل خوش ٿي ويندي، ان جي دل مان

[1] لطائف المعارف، صفحہ:233۔

دعائون نڪرنديون تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اسان جو ٻيڙو پار ٿي ويندو.

| ھو مرا کام غریبوں کی حمایت کرنا | درد مندوں سے، ضعیفوں سے محبت کرنا |
|---|---|

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان پنهنجي غريب رشتيدارن سان حسن سلوڪ سان پيش اچون. انهن جو حاجتون پوريون ڪرڻ بہ حسنِ سلوڪ آهي. پنهنجي زڪوٰة، فطرو هاڻي ڪان انهن غريبن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو. انهن کي راشن ڏيو. ڪائڻ جو سامان ڏيو. گهر گهر وڃي ڪري انهن ۾ اناج مثلاً چانور، اَنُ، داليون ۽ روڪ رقم ورهايو. انهن جي افطاري جو اهتمام ڪيو. الله ڪريم جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: يعني تنهنجو ڪاڌو نيڪ ماڻهوڪائن،[1] دين جو علم حاصل ڪرڻ وارا، دين کي عام ڪرڻ وارا هن جا وڏيڪ حقدار آهن تہ انهن کي پنهنجي زڪوٰة، فطرو، نفلي صدقا ڏنا وڃن چوتہ هي نيڪ ماڻهو آهن انهن جي لاءِ ڪائڻ جو اهتمام ڪيو وڃي انهن جي افطاري ڪرائي وڃي.

## عطيات (Donation) جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ واري ديني تحريڪ آهي. الله پاڪ جي فضل سان ❁ دعوتِ اسلامي 80 کان وڏيڪ شعبن ۾ ديني خدمتون انجام ڏئي رهي آهي ❁ دعوتِ اسلامي هن وقت تائين هزارين مسجدون، سوين فيضانِ مدينہ (مدني مراڪز) ٺائي چڪي آهي ❁ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين (***Boys & Girls***) کي الڳ الڳ تعليمِ قرآن ڏيڻ جي لاءِ هينئر تائين تقريباً 10489 (10 هزار489) مدرسۃُ المدينہ قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ تقريباً 341821 (3 لک 41 هزار821) ڇوڪرن ۽

---

[1] ابوداؤدڪتاب الاطعمہ،باب ماجاء فی الدعا،صفحہ:607،حديث3854

چوڪرين کي قرآنِ ڪريم حفظ ۽ ناظره جي مفت تعليم ڏني وڃي پئي. ۞ نابينا ٻارن جي لاءِ بہ الڳ سان مدرسہ قائم آهن. شروعات ڪان وٺي هاڻي تائين تقريباً 1،10،358 (هڪ لک، ڏهہ هزار 358) ٻارن ۽ ٻارڙن حفظ قرآن مڪمل ڪيو جڏهن تہ ناظره مڪمل ڪرڻ وارن جي تعداد3،752،89(3لک، 89 هزار 752) آهي ۞ فروغِ علمِ دين (عالمِ و عالمہ ڪورس ڪرائڻ) جي لاءِ الڳ الڳ جامعة المدينہ قائم آهن. هينئر تائين تقريباً 1310 (1 هزار310) جامعة المدينہ(چوڪرن ۽ چوڪرين) جا قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ تقريباً 104857 (1 لک 4 هزار857) طالب ۽ طالبات کي درس نظامي(عالمِ و عالمہ ڪورس، فيضانِ شريعت ڪورس) مفت ڪرايو پيو وڃي. هن وقت تائين تقريباً 24257 (24 هزار 257) عالم و عالمہ ڪورس مڪمل ڪري چڪا آهن. لکين حافظ، قاري، امام، مبلغ، مُعَلّم، عالم ۽ ڪيئي دارُالافتاء اهلِ سنّت قائم ٿي چڪا آهن، جتي مفتيانِ ڪرام اُمّت جي شرعي رهنمائي ڪرڻ ۾ مصروف آهن ۞ المدينة العلميہ (***Islamic Research Canter***) ۾ مختلف موضوعن تي تحقيق ڪئي ويندي آهي، هن شعبي ۾ هن وقت 142 مدني عالم سڳورا تقريباً 807 ڪتابن ۽ رسالن تي ڪم ڪري فيضان علمِ دين عام ڪري چڪا آهن ۽ هي سلسلو جاري آهي. ۞ فيضان آن لائن اڪيڊمي (چوڪرن، چوڪرين) جون قائم آهن جنهن جي ذريعي آن لائن عالم ڪورس، قرآن پاڪ (حفظ و ناظره) پڙهايو ويندو آهي، 30 کان وڌيڪ آن لائن ڪورسَن جي ذريعي 77 ملڪن (***Countries***) ۾ ماڻهن کي گهر ويٺي علمِ دين جي روشني پڄائي پئي وڃي ۞ ”مدني چينل“ جي ذريعي 6 وڏين سيٽلائٽس تي اردو، انگلش ۽ بنگالي زبانن ۾ دين جي خوب خدمت ڪئي پئي وڃي.

**اوهان بہ دين جي خدمت جي هن ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪيو! پنهنجا عطيات دعوتِ اسلامي کي ڏيندا!اوهان جو چندو ڪنهن بہ جائز، ديني ۽ اصلاحي،**

**فلاحي، روحاني، خيرخواهي ۽ ڀلائي جي ڪمن ۾ خرچ ڪري سگهي ٿو.**

الله پاڪ اسان ڪي دين جي خدمت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

دعوتِ اسلامی کی قَیُّوم،
اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ

سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم
یااللہ! مری جھولی بھردے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال

پيارا اسلامي ڀائرو! هن پُرفتن دور ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جو ديني ماحول الله پاڪ جي وڏي نعمت آهي. الحمدلله! دعوتِ اسلامي نيڪ، نمازي بڻائڻ واري، دنيا ڀَر ۾ سنّتن ڪي عام ڪرڻ واري ديني تحريڪ آهي. توهان به دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! 12 ديني ڪم به خوب ذوق ۽ شوق سان ڪندا ڪريو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت جون بي شمار ڀلايون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: نيڪ اعمال به آهي. هي مختصر رسالو مڪتبةالمدينہ کان طلب ڪيو ۽ چاهيو ته دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ (www.dawateislami.net) تان ڊاؤن لوڊ ڪري وٺو بلڪ وڌيڪ آساني گهرو ٿا ته پنهنجي موبائل ۾ ***Naik Amal*** ايپلي ڪيشن انسٽال ڪري وٺو، ان ۾ مختلف نيڪ اعمال تي مشتمل سوالات ڏنا ويا آهن، هر سوال جي هيٺان 30 خانا آهن، روزانو پنهنجي مرضيءَ جو ڪو به وقت مقرر ڪري پنهنجي اعمال جو جائزو وٺو، ۽ ان جي مطابق زندگي گذاريو، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جي برڪت سان گناهن کان بچڻ ۽ نيڪين ڪرڻ جو ذهن بڻجندو، دل ڪي پاڪيزگي ملندي ۽ ڪردار صاف سٿرو، نکريل ۽ خوبصورت ٿي ويندو. اچو!

ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## پورو گھراڻو سُڌري ويو

ضلع اٽڪ (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي، مان گناهن ڀري زندگي گذاري رهيو هيس، فلمون ڏسڻ، آوارا گردي ڪرڻ، نمازو قضا ڪرڻ وغيره منهنجي معمولات ۾ شامل هو، هڪ ڀيري اسان جي علائقي ۾ عاشقانِ رسول جو مدني قافلو آيو، انهن مان هڪ اسلامي ڀاءُ مونکي مغرب جي نماز پڙهڻ ۽ بيان ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، منهنجي خوش نصيبي جو مان انهن سان گڏ مسجد هليو ويس، مغرب کان بعد بيان ٻڌي ڪري وڏو لطف آيو، بيان جي آخر ۾ مبلغ نيڪ اعمال رسالي جو تعارف (*Introduction*) ڪرايو، رسالي نيڪ اعمال ۾ لکيل نيڪين ڀري زندگي گذارڻ جا مدني گُلَ ڏسي ڪري مونکي تمام گھڻي خوشي ٿي، ان رسالي جي صورت ۾ شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنّت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِيَہْ جو اصلاحِ اُمّت جي لاءِ جذبو ڏسي ڪري مون هٿون هٿ بيعت جي لاءِ نالو ڏئي ڇڏيو ۽ عطاري بڻجي ويس، وقت جي ڪامل ولي سان نسبت جا ٿي، دل گناهن کان بيزار ۽ نيڪين جي طرف مائل ٿي وئي، مون گناهن کان توبهه ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول کي دل ۽ جان سان اپنائي ورتو، ان جي برڪت سان منهنجا اخلاق سنا ٿيڻ لڳا، منهنجي ان تبديلي جو منهنجي گھر وارن تي به چڱو اثر ٿيو، اَلْحَمْدُلِلّٰه! آهسته آهسته پورو گھراڻو ئي قادري، رضوي، عطاري بڻجي ويو، گھر ۾ نمازن جي پابندي شروع ٿي وئي، فلمون ڊراما، گانا باجا بند ٿي ويا ۽ گناهن ڀري چينلز جي جڳھ مدني چينل هلڻ لڳو.

خوب مَدنی قافِلوں کی دھوم ہو
نیک ہو اُمّت اے نانائے حسین!

مَدنی اِنعامات کی ہو ریل پیل
نیک ہو اُمّت اے نانائے حسین![1]

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:258۔

## تجهيزءِ تڪفين ايپليڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄوڪو دور ٽيڪنالوجي جو دور آهي، الحمدلله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي اِسمارٽ فون(*Smartphone*) جي ذريعي بہ علمِ دين عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. هن حوالي سان دعوتِ اسلامي جي *I.T* ڊيپارٽمنٽ جي طرف کان مختلف ايپلي ڪيشنز جاري ٿي چڪيون آهي، جنهن مان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن آهي: *Muslim's Funeral* هن موبائل ايپليڪيشن ۾ مَيِّت جي غسل ۽ ڪفن ۽ دفن وغيره جي بابت اهم ترين معلومات ڏني وئي آهي ۽ هڪ خاص ڳالھ هي آهي تہ مَيِّت کي غسل ڪيئن ڏيڻو آهي؟ ڪفن ڪيئن پارائڻو آهي؟ ان جي عملي طريقي جي لاءِ *Animated Videos* بہ شامل ڪيا ويا آهن. توهان بہ هي موبائل ايپليڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ٻين کي بہ هن جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] تاريخِ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

# مسواڪ (ڏندڻ) ڪرڻ جون سنّتون ۽ آدابَ

ٻه فرامينِ مصطفٰيصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: (1) ٻه رڪعتون ڏندڻ ڏئي ڪري پڙهڻ بنا مسواڪ جي 70 رڪعتن کان افضل آهي.[1] (2) ڏندڻ جو استعمال پنهنجي پاڻ تي لازم ڪريو ڇوته هن ۾ وات جي صفائي ۽ ربّ جي رضا جو سبب آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! حضور نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هر رات ڪوڙ ڀيرا ڏندڻ ڪندا هئا، هر ڀيري سمهڻ وقت به ۽ جاڳڻ وقت به بنا سٺي نيّتن جي ڏندڻ جا طبي فائده (*Physical Benefits*) حاصل ته ٿيندا پر ثواب نه ملندو. مثال طور وُضو جي لاءِ ڏندڻ ڪرڻو هجي ته هيئن ٿي نيّتون ڪري وٺو: رضاءِ الٰهي، سنّت جي ادائگي ۽ ذڪر ۽ درود جي لاءِ پنهنجي وات کي صاف رکڻ جي لاءِ ڏندڻ ڪندس مشائخِ ڪرام فرمائن ٿا: جيڪو شخص ڏندڻ جو عادي هجي مرڻ وقت ان کي ڪلمو پڙهڻ نصيب ٿيندو. حضرت عبد الله ابن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي ته ڏندڻ ۾ 10 خوبيون (*Qualities*) آهن: وات صاف ڪندو آهي، مهارن (*Gums*)کي مضبوط بڻائيندو آهي، نظر وڌائيندو، بلغم (*PHLEGM*) ختم ڪندو آهي، وات جي ڌپ دور ڪندو آهي، سنت جي موافق آهي، ملائڪ خوش ٿيندا آهن، ربّ راضي ٿيندو آهي، نيڪي وڌائيندو ۽ معدو(*Stomach*) درست ڪندو آهي. ڏندڻ ساڄي هٿ ۾ هن طرح پڪڙيو جو ننڍي آڱر ان جي هيٺيان ۽ وچ واريون ٽي آڱريون مٿي ۽ آڱوٺو چوٽيءَ تي هجي. ڏندڻ جڏهن استعمال جي قابل نه رهي ته اڇلايو نه ڇوته هيءُ سنّت ادا ڪرڻ جو آلو آهي، ڪنهن جڳهه تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا پٿر وغيره وزن ٻڌي ڪري سمنڊ

---

[1] اَلتَّرغِيْب وَالتَّرہِيب، كتاب: الطہارۃ، الترغيب فى السواك، صفحہ:86، حديث:18۔
[2] مسنَد امام احمد، جلد:2، صفحہ:438، حديث:5869۔

۾ ٻوڙي ڇڏيو.[1]

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةالمدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَہْ جو91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر بہ آهي.

سنّتیں سیکھنے تین دِن کے لئے
ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو
رب کے در پر جُھکیں، اِلتجائیں کریں
بابِ رحمت کھلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عَمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] 550 سنتیں اور آداب، صفحہ:47-50۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهرين ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## {4} ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## {5} قُربِ مُصطَفٰي ﷺ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## {6} دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1]... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2]... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیة والخمسون، ص149

[3]... القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰه عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455